# تحريڪ علمي

ڊاڪٽر محمد اسحاق ميمڻ٭

بسم الله الرحمٰن الرحيم

الحمد لله الذی خلق فسوّیٰ والذی قدر فهدیٰ الذی علم بالقلم و علم الانسان ما لم يعلم والصلواة والسلام علی النبی الامی الذی هو مصداق ما کذب الفؤاد ما رأی و ما زاغ البصر و ما طغیٰ و علیٰ آله و اصحابه اجمعين.

هي بابرڪت مجلس جيڪا سيرت النبي ڪانفرنس جي نالي سان منعقد ڪئي ويئي آهي؛ تنهن ۾ آءٌ جيڪو مقالو پيش ڪري رهيو آهيان تنهنجو عنوان آهي ”تحريڪ علمي“، جنهن جو مطلب آهي ته پاڻ سڳورن جي اعلان نبوت وقت قبيلي قريش ۾ رڳو ۱۷ ماڻهو پڙهيل لکيل هئا(۱)، پوءِ پاڻ سڳورن تعليم ڪي وڌائڻ لاءِ جيڪي ڪوششون ورتيون تنهنڪي مون ”تحريڪ علمي“ جو عنوان ڏنو آهي. منهنجو موضوع پنجن حصن تي مشتمل آهي:

۱ـ تعريف علم. ۲ـ اقسام علم. ۳ـ فضائل علم.

۴ـ فضائل مراڪز علم. ۵ـ علمي انحطاط جا اسباب ۽ ان جو حل.

اهو هن لاءِ ته پڙهندڙن تي علم جي حقيقت واضح ٿيڻ بعد علم جي حصول جو شوق پيدا ٿئي ۽ اڳتي هلي هُو مراڪز علم جو قدر ڪن ۽ انهن کي هو هڪ روشنيءَ جو مينار تصور ڪندي انهن جي قيام ۽ انهن جي ترقي لاءِ ڪوشان رهن ۽ انهن جي تقدس کي پائمال ڪرڻ کان پاسو ڪن ۽ پين اهڙين

---

٭ اسسٽنٽ پروفيسر، ڊگري ڪاليج گهوٽڪي